# سنڌ ايڪٽ نمبر III مجريه 2007
# SINDH ACT NO.III OF 2007
# سنڌ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 2007
# THE SINDH SPEAKER AND DEPUTY SPEAKER (SALAIRES, ALLOWANCES AND PRIVILEGES) ACT, 2007

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1975 جي سنڌ ايڪٽ نمبر VII جي دفعه 7 جي ترميم
Amendment of section 7 of Sindh Act No.VII of 1975

3. منسوخي
Repeal

# سنڌ ايڪٽ نمبر III مجريه 2007
# SINDH ACT NO.III OF 2007
## سنڌ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 2007
## THE SINDH SPEAKER AND DEPUTY SPEAKER (SALAIRES, ALLOWANCES AND PRIVILEGES) ACT, 2007

[24 آڪٽوبر 2007]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1975 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

| | |
|---|---|
| جيئن ته سنڌ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1975 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛ | تمهيد (Preamble) |
| ان ڪري هن ريت جوڙيو نافذ ڪيو ويندو: | |
| 1.(1) هن ايڪٽ کي سنڌ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 2007 سڏيو ويندو. | مختصر عنوان ۽ شروعات Short title and commencement |
| (2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو. | |
| 2. سنڌ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1975 ۾، دفعه 7 لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو: | 1975 جي سنڌ ايڪٽ نمبر VII جي دفعه 7 جي |

ترميم
Amendment of section 7 of Sindh Act No.VII of 1975

“7.(1) اسپيڪر کي سرڪار جي خرچ سان سرڪاري ڪار جي استعمال جي سهولت ڏني ويندي.

(2) ڊپٽي اسپيڪر کي سرڪار جي خرچ سان سرڪاري ڪار جي استعمال جي سهولت ڏني ويندي.

منسوخي
Repeal

3.سنڌ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) آرڊيننس، 2006 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.